# ماهوار سائنس

سيپٽمبر ١٩٧١ع

خاص مضمون

## ''ڪمپيوٽر''
## (مشيني دماغ)



ڊئريڪٽوريٽ آف ايڊيوڪيشن حيدرآباد ريجن طرفان منظور ڪيل

Dr. Ali Murtaza Dharejo




# سائنس

ايڊيٽر — ڊاڪٽر ممتاز علي قاضي

اسسٽنٽ ايڊيٽر — ظفر حسن
مرتضيٰ پيٽي

دفتر ادارت
"انسٽيٽيوٽ آف ڪيمسٽري"
سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو
فون ---------------- ٥٩٨١/٩

ناشر ۽ منتظم
"انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي"
سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد سنڌ
فون ---------------- ٢٣٣٩

سيپٽمبر ١٩٧١

سال ١ — پرچو ٩

قيمت
في پرچو ٦٠ پئسا — سالانه ٧ رپيا

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
پاران ايم ايچ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# فهرست


| مضمون | لکندڙ | صفحو |
|---|---|---|
| ڪمپيوٽر | سيد مبارڪ علي شاھ ”لکوي“<br>لکي غلام شاھ | ۵ |
| سستي ۽ متوازن غذا | محبوب علي جوکيو<br>ايم - اي ؛ بي - ٽي<br>گورنمينٽ هاءِ اسڪول - سيتارجا | ۹ |
| ”عمر - خيام“ | صدرالدين شيخ<br>انجنيئرنگ ڪاليج - سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو | ۱۳ |
| انساني زندگيءَ ۾ علم نباتات جي اهميت | جعفر بلاولپوري<br>ٽنڊو مير محمود - حيدرآباد سنڌ | ۱۵ |
| ڪوڙي يا ڪئلي | مختيار علي جانوري<br>جانوري اسٽريٽ، نزد عيدگاھ لاڙڪاڻو | ۱۷ |
| وار | الله ڏتو گوپانگ<br>بي - ايس سي (ايگريڪلچر) آنرس،<br>ايم - ايس سي<br>ڪاٽن سيڪشن، ٽنڊو ڄام | ۱۹ |
| سائنس جي رفتار | ادارو | ۲۱ |
| پڙهندڙن جا پيغام | | ۲۳ |
| ٻارن جا صفحا | | ۲۵ کان ۳۰ |



وَهُوَ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ النُّجُوْمَ لِتَهْتَدُوْا بِهَا فِيْ ظُلُمٰتِ
الْبَرِّ وَالْبَحْرِ ۗ قَدْ فَصَّلْنَا الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ○ وَهُوَ
الَّذِيْٓ اَنْشَاَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ فَمُسْتَقَرٌّ وَّمُسْتَوْدَعٌ ۗ
قَدْ فَصَّلْنَا الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّفْقَهُوْنَ ○

( الانعام ٦—٩٩ )

”۽ اهو (الله) آهي (جنهن) بڻايا توهان لاءِ تارا، ته جيئن انهن سان زمين ۽ درياءَ جي اونداهين مان رستو ڳوليو، (بيشڪ) اسان کولي ٻڌايا پار پتا، انهن ماڻهن کي جيڪي علم رکن ٿا. ۽ اهو (الله) آهي (جنهن) پيدا ڪيو توهان کي هڪ جيءَ مان ۽ پوءِ اوهان لاءِ ٽڪڻ جو هنڌ ۽ سانڍڻ جي جاءِ ڪيائين. اسان کولي ٻڌايا پار پتا انهيءَ قوم کي، جيڪا ڄاڻ رکي ٿي.“

اسانکي بلڪل عـــام معلوم ٿئي ٿو، دراصل انسان جي سموري سائنسي ترقيءَ جو بنياد آهي ۽ اهوئي تصور انسان کي جانورن تي فوقيت ڏئي ٿو. انگريزيءَ جو لفظ "Digit" ٻڙيءَ کان ۽ جي انگ تائين نمائندگي ڪري ٿو. اهو لاطيني لفظ "Digitus" مان نڪتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي "آڱر". اسانجو اعدادي نظام جنهن کي ڏهائي نظام (Decimal-System) سڏيو وڃي ٿو، انهيءَ بنياد تي قائم آهي. انجو سبب اهو به ٿي سگهي ٿـــو ته ٻنهي هٿن جون آڱريون ڏه آهن ۽ قديم زماني کان وٺي آڱرين تي ڳڻپ جو رواج هلندو اچي ٿو جيڪو اسان ڏهائي نظام ۾ برقرار رکيو آهي.

جيڪڏهن اسين پنهنجن هٿن جي آڱرين کي وساري ڇڏيون ته اسانجي اعدادي نظام جو بنياد "ٻه" ٿيندو ڇوته اسانجا هٿ ٻه آهن. اهڙي نظام کي انگريزيءَ ۾ "بائنري سسٽم" چيو وڃي ٿو. ڪمپيوٽر به انهيءَ بائنري نظام هيٺ ڪم ڪري ٿو. انجو هڪ خاص سبب اهو آهي ته ڪمپيوٽر بجليءَ سان هلي ٿو ۽ بجليءَ جي رؤ جي خاصيت اها آهي جو انکي بند ڪري ۽ کولي سگهجي ٿـو. اهڙيءَ طرح انجون فقط ٻه ڪيفيتون ٿين ٿيون. جڏهين بجليءَ جي رؤ کلي ٿي ته "هڪ" جـي نمائندگي ڪري ٿي ۽ جڏهين بند ٿئي ٿي ته ان مان "ٻڙيءَ" جو اظهار ٿئي ٿو. اسانجو اعصابي نظام به اهڙيءَ ريت ڪم ڪري ٿو ۽ انجا پيغام به بائنري نوعيت جا هوندا آهن.

"مقداري ڪمپيوٽـــر" (Analogue Computer) جو اهو نالو انکري رکيو ويو آهي جو هـــي فقط مقدار جو اندازو لڳائيندو آهي. مثال طور، اهو پڇڻ جـي بدران ته "توهان ڪيترا ميل سفر ڪيو آهي؟" هي ڪمپيوٽر اها ڳالهه معلوم ڪندو ته "توهان ڪهڙي رفتار سان سفر ڪيو آهي." هن ڪمپيوٽر کي تقابلي ڪمپيوٽر پڻ سڏي سگهجي ٿو ڇو ته لفظ "انلاگ" جي اهائي معنيٰ آهي.

هي ڪمپيوٽر طبيعي خاصيتن، رفتار، حرڪت، ٽيمپريچر (گرمي پد) دٻاءُ ۽ توانائي وغيره جـــي خبر لهي سگهندو آهي تنهنڪري انکي عام طور تـــي سائنسي ۽ انجنيئري ڪمن لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. هن جي ڪم ڪرڻ جي رفتار به حسابي يا تعدادي ڪمپيوٽر جي مقابلي ۾ وڌيڪ تيز هوندي آهي.

## ڪمپيوٽر لاءِ ٽي بنيادي ڳالهيون آهن:-

(١) ڪنٽرول يونٽ:- جيڪو مشين ۽ ڊيٽا (Data) جـي وچ ۾ ڪنٽرول ڪري سگهندو آهي. هن يونٽ جو مدار آپريٽنگ هدايتن تي هوندو آهي.

(٢) ارٿميٽڪ، لاجيڪل يونٽ:- جيڪو حقيقي ڳڻپ (Calculation) مهيا ڪندو آهي.

(٣) ياداشت يونٽ:- جيڪو هدايتن ۽ ڊيٽا جـــي تبادلي ۽ استعمال لاءِ گهربل هوندو آهي.

ڪمپيوٽر جـــي ٻوليءَ جـــو مدار هاءِ فريڪئنسي اليڪٽريڪل پلسز (High frequency Electrical pulses) تـي هوندو آهي جيڪي ڪمپيوٽر ۾ موجود اليڪٽرانڪ گهڙيال (Electronic clock) تي هونديون آهن. ڪمپيوٽر جو پلس ٻوليءَ کي ٻن انگن هڪ (One) ۽ ٻڙي (Zero) سان ظاهر ڪري سگهجي ٿو. "هڪ" مان مراد "pulse" آهي ۽ "ٻڙيءَ" مان "no pulse" انهن ٻنهي ڪوڊ وردس کـــي استعمال ڪندي اسان ڪيترائي مختلف ڪوڊ ٺاهي سگهون ٿا.

اڄ ڪلهه جـــي ڪمپيوٽر ۾ ٻه خاص ٻوليون استعمال ٿينديون آهن:-

١- فورٽران (Fortran) ٢- ڪوبال (Cobol)

"فورٽران" بنيادي طور تـــي آلجبرا سان تعلق رکي ٿـــي تنهنڪري اهـــا ٻولي خاص ڪري رياضي دانن ۽ سائنسدانن جي استعمال ۾ ايندي آهي.

"ڪوبال" هڪ انگريزي ڪاروباري ٻـولي آهـــي تنهنڪري اها ڪاروبار ۽ صنعت ۾ استعمال ٿيندي آهي.

## ڪمپيوٽر جا استعمال:-

(١) بئنڪنگ ۾:- يورپ ۽ آمريڪا جي ڪيترن ئي بئنڪن کـــي "On line" سسٽم هوندو آهي. جنهن ۾ اڪائونٽ وارو ماڻهو پنهنجو چيڪ اتي ويٺل ماڻهو (Teller) کـــي ڏيندو آهـــي جيڪو پرسان لڳل "ڪي-بورڊ" (Key-Board) ۾ وجهندو آهـي ۽ ان کـــي ان جـــو اڪائونٽ نمبر، گهربل پئسا ۽ ٻي ضروري معلومات ڏيندو آهي. ڪمپيوٽر ان گراهڪ جو اڪائونٽ جاچيندو آهي ته ان ۾ ايتري رقم آهي جو گهربل پئسا ڪيرائي سگهي؟ پوءِ ان بابت ٽيلر کي اشارا (Signals) ڏيندو آهي.

بئنڪاريءَ ۾ ڪمپيوٽر جو ٻيو اهم ڪم اهو آهي ته

( بقايا ڏسو صفحو ٢٨ )

محبوب علي جوکيو



# سستي ۽ متوازن غذا

غريب ۽ وچولي درجي جا ماڻهو، جڏهن صحت بخش ۽ متوازن غذا بابت مضمون پڙهندا آهن، ته انهن کي ائين معلوم ٿيندو آهي ته هو انهن هدايتن تي عمل ڪرڻ جي وسعت نٿا رکن، جيڪي انهن مضمونن ۾ ڏنل هونديون آهن. اهي ماڻهو، جن کي هڪ وقت به پيٽ ڀري ماني کائڻ ميسر نه آهي، اهي ته اهڙا مضمون پڙهن ئي ڪونه!

متوازن غذا جو قيمتي هئڻ ضروري نـه آهي. سستي غذا به متوازن ۽ صحت بخش ٿي سگهي ٿي. حقيقت اها آهي ته کاڌي بنسبت ماڻهن کي پوري ڄاڻ نه آهي ۽ اسان جا بورچي، گهر جون عورتون يا هوٽلن جا مالڪ کاڌي جي اهميت، ماهيت ۽ انجي تيار ڪرڻ بابت ڪابه ڄاڻ ڪانه ٿا رکن. کاڌي تيار ڪرڻ وقت گهڻو ڪري مزي ۽ لذت جو خيال رکيو وڃي ٿو. کائڻ يا رڌڻ وارن مقرر قاعدن کان هٽي، صحت جي اصولن مطابق کاڌو تيار ڪرڻ ڏانهن ڌيان نٿو ڏنو وڃي ۽ رواجي طريقن کي ڇڏڻ ڏکيو لڳي ٿو. اسان کي ان ڳالهه جو احساس نـه آهي ته کاڌي سان صحت ۽ بيماريءَ جو ڪيترو ويجهڙائي وارو لاڳاپو آهي. طبي ماهر ان ڳالهه تي متفق آهن ته جيڪڏهن هر خاندان پنهنجي دسترخوان کي طبي معلومات موجب تيار ڪري، تـه صرف هڪ نسل ۽ خاندان ۾ نه، پر پوري آباديءَ جي صحت ۾ حيرت‌انگيز ڦيرو اچي سگهي ٿو. افسوس هن ڳالهه جو آهي ته تهذيب جي ترقيءَ سان گڏ روزاني زندگي به ترقي ڪري رهي آهي. کاڌي جي گهڻ وڌائي ڪري صحت تي جيڪو برو اثر پوي ٿو، اهو پنهنجي وسعت ۽ هم گيريءَ جي لحاظ کان سيني مرض ۽ بيمارين جي سبب کان ڪيترائي مرتبا وڌيڪ نقصانڪار آهي. اڄ ڪلهه، انساني صحت ۽ جسماني موزونيت جا سائنس

نادر مثال صرف بدوي ۽ غير مهذب قومن ۾ ئي نظر اچي رهيا آهن، جيتوڻيڪ انهن کي قيمتي، پرتڪلف ۽ لذيذ کاڌا ميسر نه آهن.

جديد تهذيب، انسانن جي اڪثريت کي وڏن شهرن جي طرف ڌڪي ڇڏيو آهي، جنهن انسان جي کاڌي کائڻ جي عادتن ۾ وڏو فرق ۽ ڦيرو پيدا ڪري ڇڏيو آهي. شهري آبادين لاءِ تازين غذائن جو مهيا ٿيڻ هڪ مشڪل مسئلو ٿي پيو آهي. کاڌي جي شين کي پيدا ٿيڻ وارن مرڪزن کان شهري آبادي تائين پهچائڻ ۽ انهن کي شهرن ۾ محفوظ رکڻ لاءِ ڪيترائي هٿرادو ۽ غير فطري طريقا استعمال ڪيا وڃن ٿا. انهن طريقن سان، کاڌي جا ونڊڙ ۽ زندگي بخش جزا فنا ٿي وڃن ٿا. کاڌي جي شين کي محفوظ رکڻ لاءِ جيڪي جيوڙن کي مارينڊڙ ذريعا استعمال ڪيا وڃن ٿا، سي خود زهريلا هوندا آهن. کاڌي جي شين کي واپارين جي نفعه خوريءَ جي چڪرن مان به لنگهڻو پوي ٿو. مثال طور مشينن ۾ انهن جو پيسجڻ ۽ صاف ٿيڻ، انهن کي ديده زيب ۽ خوش رنگ بنائڻ، برف استعمال ڪرڻ، مربن ۽ آچارن جي شڪل ۾ تبديلي ڪرڻ وغيره. جڏهين کاڌي جون شيون اهڙن مرحلن ۽ جراحتن مان لنگهن ٿيون، تڏهين انهن جا خاص طاقتور جزا زخمي ٿيڻ کان محفوظ رهي نٿا سگهن. مغربي ملڪ، پنهنجي پيل علائقن کي جيڪو کاڌو مهيا ڪرڻ جو احسان ڪري رهيا آهن، اهو ڪيميائي ڀاڻ سان پوکيو وڃي ٿو. اهڙي ڀاڻ سان پوکيل اناجن، ميون ۽ ڀاڄين جو مقدار تـه برابر وڌيڪ آهي، پيداوار جو مقدار بـه وڌيڪ آهي، اهي خوش رنگ به ٿي سگهن ٿا، پر انهن ۾ جان نه هوندي آهي ۽ اهي صحت بخش جزن کان خالي هوندا آهن.

صدرالدين شيخ

# "عمر خيام" ١٠٣٩ع-١١٣١ع

## عظيم رياضي دان، طبيب، هيئتدان ۽ شاعر

مسلمانن پنهنجي نامور تاريخي دؤر ۾ ستين صدي عيسوي کان چوڏهين صدي عيسوي تائين سائنس جي ميدان ۾ ٻه عظيم جوهر ۽ ڪارناما ڏيکاريا آهن- انهن رياضي، نجوم، هيئت، طب، سرجري، ڪيميا، طبيعات، نباتيات، حياتيات ۽ ٻين سائنسي علمن تي تحقيق ڪري پوري ڪائنات کي پنهنجن خيالن ۽ اصولن سان روشناس ڪرايو. مسلمان سائنسدانن سائنس جي هر شعبي ۽ مضمون تي تحقيق ڪري تجويزون ۽ انهن جو عمل پيش ڪيو، اهو ئي سبب آهي جو سندن علمي لياقتن کان پورو عالم واقف آهي- انهن سائنسي علم کي اهڙي حد تائين پهچايو، جتان موجوده يورپي سائنسدانن سندن علم ۽ تحقيق کي بنياد بڻائي وڏيڪ ڪوجنائون ڪيون.

مسلمانن جي انهيءَ سائنسي افق تي ڪيترائي تارا اڀريا جن مان "عمر خيام" به پنهنجو مٽ پاڻ هو- عمر خيام، فارسي زبان جو عظيم شاعر به هو- سندس رباعين جو ڪيترن ئي زبانن ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي ۽ مشرق کان مغرب تائين مشهور و معروف آهن-

شعر ۽ ادب جي دنيا ۾ کيس لازوال شهرت حاصل آهي، اهوئي سبب آهي ته جڏهن عمر خيام جو نالو هڪ سائنسدان طور ونجي ٿو ته عجب ونيو وڃي- حالانڪ شاعري سندس زندگي جو مقصد نه هو- اها شاعري واندي ۽ بيڪار وقت گذارڻ لاءِ سندس وندر ۽ شغل هوندي هئي- در اصل هو رياضي (Mathematics)، هيئت (Astronomy) ۽ طب جو ماهر هو.



ابوالفتح عمر بن ابراهيم "خيام"

١٠٣٩ع ۾ ايران ملڪ جي شهر نيشاپور ۾ ڄائو- هن جو والد بزرگوار تنبو (Tent) سبندو هو ان ڪري "خيام" سڏبو هو، ۽ اهو ساڳيو لقب هن سان به لڳندو آيو، جنهنڪري کيس عمر خيام سڏيندا هئا- سندس آبائي شهر نيشاپور ۾ علم ۽ فن جو عروج هوندو هو جنهن ڪري کيس ننڍپڻ کان ئي علمي مجلسن ۽ مدرسن ۾ شرڪت ڪرڻ جو موقعو مليو ۽ اڪثر عالمن، محققن ۽ مدبرن جي صحبت حاصل هوندي هيس. عمر خيام، بوعلي سينا جي فلسفي کان گهڻو متاثر هو ۽ ان جي ئي شاگردن وٽ ابتدائي تعليم حاصل ڪيائين- پنهنجي ننڍي عمر ۾ ئي علمي ذوق سبب مشهور ٿيو ۽ رياضي تي هڪ ڪتاب "مڪعبات" لکيائين جنهن ۾ جذر (اسڪوائر روٽ √٢) جذر ڪعب (ڪيوب روٽ ∛٣)، √٤، √٥ ۽ √٦ حاصل ڪرڻ جا طريقا درج ڪيائين- سندس علم جو قدر پنهنجي ملڪ ۾ ڪو نه ٿيو ته سمرقند ۾ وڃي رهيو- اتي جي امير ابوطاهر کيس وڏي عزت ڏني ۽ کيس نوڪري ڏياريائين- جڏهن ٢٨ ورهين جو ٿيو ته هڪ ڪتاب "جبرو مقابله" لکيائين جنهن تي ست سال محنت ڪيائين- اهوئي سبب آهي جو قديم الجبرا (Algebra) تي لکيل هي دنيا جو مشهور ۽

جعفر بلاولپوري

# انساني زندگيءَ ۾ علم نٻاتات جي اهميت

**سائنس** هڪ وسيع علم آهي، جيڪو هر قسم جي علم کي پرائڻ، سمجھڻ ۽ ٻروڙڻ ۾ مدد ڏيئي ٿو. انهن سمورن علمن مان هڪ ”علم حياتات“ بہ آهي، جيڪو انساني زندگيءَ سان تمام گھڻو واسطو رکي ٿو ۽ جنهن کي سائنسدانن ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي، انهن جي انساني زندگيءَ ۾ اهميت سمجھائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. علم حياتات کي جن ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي، سي آهن (١) علم حيوانات (٢) علم نباتات. علم حيوانات مان اسان کي مختلف جانورن ۽ پکين وغيره بابت ڄاڻ پوي ٿي ۽ علم نباتات وري وڻن ٽڻن ۽ ٻوٽن سان روشناس ٿو ڪرائي. انهن ٻنهي علمن مان ٻوٽن علم نباتات، انساني زندگيءَ ۽ ان جي روز مره جي گھرجن سان نهايت گھاٽو تعلق رکي ٿو.

انسان ذات جي زنده رهڻ ۽ بقالاءِ، ٻين سڀني شين سان گڏ ٽن خاص شين جي تہ هر حالت ۾ ضرورت پوندي ٿي جھڙوڪ: رهڻ لاءِ اجھو، تن ڍڪڻ لاءِ ڪپڙو ۽ کائڻ لاءِ خوراڪ. هڪ عام ۽ مڃيل حقيقت مطابق، انهن ٽنهي شين يا ضرورتن جو سڌيءَ طرح يا اڻ سڌيءَ طرح سان علم نباتات سان ئي تعلق آهي. جيئن تہ رهڻ لاءِ گھر ناهڻ جي ضرورت رهي ٿي ۽ گھر جوڙڻ لاءِ ٻئي سامان کانسواءِ عمارتي ڪاٺ جي هاڃ رهي ٿي ۽ اهو ڪاٺ ڪيلو ٻيلن ۾ ٻيئل وڻن مان ئي حاصل ڪيو ٿو وڃي.

اهڙيءَ ريت انگ ڍڪڻ لاءِ ڪپڙي جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي ۽ ڪپڙو وڻن جي ٻوٽن مان پيدا ٿيندڙ ڪپهہ مان ٺهي ٿو. يعني انسان جي اها اهم گھرج بہ سڌيءَ طرح سان ٻوٽن مان ئي پوري ٿئي ٿي. ڪپهہ کانسواءِ ٻين ٻوٽن مان حاصل ڪيل ڦر مان بہ ڪپڙو جڙي ٿو. مثال طور جيڪو ڪپڙو اسين ”سلڪ“ (Silk) جي نالي سان پھريندا آهيون سو بہ ”ڪاٽن لنٽرس“ (Cotton linters) نالي ٻوٽي جي ئي پيداوار آهي. ساڳيءَ ريت ”لنن“ (Lenin) جي ڪپڙي ناهڻ لاءِ وري ”فليڪس“ (Filax) نالي هڪ ٻوٽو ڪتب ايندو آهي. انهيءَ کانسواءِ سُٽ، ڏاڳن، تڏن، غاليچن، رسين ۽ ڳوٿين ناهڻ لاءِ بہ جيڪي تندون يا ڌاڳا استعمال ڪيا ويندا آهن، سي پڻ ٻوٽن مان ئي حاصل ڪيا ويندا آهن.

خوراڪ طور استعمال ٿيندڙ شيون جھڙوڪ: اناج، داليون، سايون ڀاڄيون ۽ ميوا پڻ مختلف جنسن جي ٻوٽن جي ئي پيداوار آهن، جن جو تعلق پڻ نباتات سان آهي. مٿي ڄاڻايل شين کانسواءِ ٻيون روزمره جي استعمال ۾ ايندڙ شيون جھڙوڪ: جدا جدا قسمن جا تيل، چانور، ربڙ ڪونئر، تماڪ ۽ مصالح پڻ مختلف ٻوٽن مان حاصل ڪيا ويندا آهن، جن جو تعلق سڌي يا اڻ سڌي طرح نباتات سان ئي آهي. انهن شين کي ڪاڏي ۾ استعمال ڪرڻ سان گڏ، انهن مان مختلف قسمن جون دوائون پڻ تيار ڪيون ٿيون وڃن، جي خطرناڪ مرضن ۾ استعمال ڪرايون وينديون آهن. مثال طور هڪ دوا جنهن جو نالو ”ڪونين“ (Quinine) آهي، سا هڪ خاص وڻ (Cinchona) جي چوڏي مان حاصل ڪئي ويندي آهي ۽ مليريا بخار ۾ استعمال ڪرائي ويندي آهي. اهڙيءَ ريت ”ڪوڪين“ (Cocaine) بہ هڪ ٻوٽي (Coca-plant) جي پنن مان حاصل ڪئي ويندي آهي ۽ خطرناڪ بيمارين ۾ ڪتب آندي ويندي آهي. ”اسٽرئچنن“ (Strychnine) وري Nux-vomica seeds نالي ٻوٽي مان ڪڍي ويندي آهي. مطلب تہ اهڙيون لاتعداد دوائون اڪثر ڪري ٻوٽن مان ئي ٺهن ٿيون، جن مان انسان جو خطرناڪ مرضن مان بچڻ وارو مقصد حاصل ٿئي ٿو. انهن سڀني حقيقتن، مثالن ۽ ثبوتن مان صاف ظاهر ٿو ٿئي تہ نباتاتي شين يا سڌيءَ طرح سان علمِ نباتات جو، انساني زندگيءَ سان ايترو تہ گھڻو واسطو آهي، جو ان علم جي اهميت کي ڪنهن بہ ريت نظرانداز نہ ٿو ڪري سگھجي.

اهو ته ٽيو انسان جي ٽن بنيادي ضرورتن جي پورائي لاءِ علم نباتات جي اهميت ۽ ڪردار جو ذڪر پر جيڪڏهن انهن ضرورتن ڪانسواءِ، انهيءَ ساڳئي علم جو زندگيءَ جي ٻين اهم گهرجن سان لاڳاپو ڳوليو وڃي ته انهن ۾ به گهڻي قدر علم نباتات جوئي دخل معلوم ٿيندو. مثال طور "پوک"، انسان جي لاتعداد گهرجن مان هڪ بنيادي گهرج آهي.

جيڪڏهن سائنس جي ترقيءَ کان آڳاٽي زماني جي پيداوار تي نگاه ڊوڙائجي ته چڱيءَ طرح سان خبر پئجي ويندي ته انهيءَ دؤر ۾ جيڪا ملڪي پيداوار ٿيندي هئي، سا اڄوڪي سائنسي دور جي پيداوار کان گهڻو گهٽ هئي- آخر اهو فرق ڇو؟ انهيءَ تفاوت جو سبب فقط هيءُ آهي ته انهيءَ زماني جي هاري ۽ اڄوڪي زماني جي هاريءَ جي فڪر، شعور ۽ عمل ۾ وڏو تفاوت آهي. انهيءَ زماني جو ڪڙمي صرف پوک ڪري ڄاڻندو هو پر آن کي وڌيڪ کان وڌيڪ اپائڻ يا انهيءَ سلسلي ۾ ممڪن اپاءَ وٺڻ جي جي خبر ڪانه هوندي هئي ۽ هاڻوڪي ڪڙميءَ سائنس جي روشنيءَ ۾ وڌڻ شروع ڪيو آهي. انهيءَ سائنس، موڙهلن کي به نون علمن ڏانهن گس لائي، ڪين پرائڻ ۽ پروڙڻ جي سگهه بخشي آهي، جنهن جو حيرت انگيز نتيجو اهو نڪتو اهي جو صدين کان اڻڄاڻ ڪڙمي به انهن علمن مان فائدو حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهي.

پوک جي سلسلي ۾ علم نباتات پنهنجي اهميت ۽ افاديت چڱيءَ ريت ظاهر ڪئي آهي. اوهان آزموده لهي ڏسو ته هينئر به هڪ هاري ۽ ٻوٽن جي ماهر (Botanist) جي ڪيل پوک ۽ انجي بدلي حاصل ٿيل پيداوار ۾ ڪافي فرق نظر ايندو، جنهنجو سبب صرف هيءُ آهي ته ٻوٽن جو ماهر علم نباتات کان واقف آهي. هن کي ڄاڻ آهي ته هيءَ زمين پوک جي قابل آهي يا نه؟ يا ڪهڙي زمين سم ۽ ڪلر جي لپيٽ ۾ آهي؟ مگر هڪ ڪڙمي ويچارو انهيءَ علم کان ناواقف هئڻ سبب، انهن سڀني ڄاڻن کان محروم آهي، تنهنڪري ٻنهي جي پيداوار ۾ لازمي فرق رهندو. انهيءَ سموري بحث جو مقصد صرف هيءُ آهي ته علم نباتات انساني زندگيءَ ۽ ان جي ضرورتن جي پورت لاءِ هڪ خاص اهميت جو حامل آهي، جنهن جي فروغ ۽ ترقيءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻ، هن سائنسي دور ۾ رهندڙ هر فرد جو قومي فرض آهي.



( بقايا — "سستي ۽ متوازن غذا"

آهي. ڪتل ۽ ڪشمش کي غذا تيار ڪرڻ وقت کنڊ جي بجاءِ پڻ ڪتب آندو ويندو آهي.

### سٽپ

کنڊ جسم ۾ جلدي حل ٿي وڃي ٿي. نشاستو ان کان وڌيڪ وقت وٺي ٿو ۽ سٽپ وري ان کان به گهڻو عرصو. سٽپ جي ڪتب آڻڻ سان کنڊ ۽ نشاستي جي مقابلي ۾ بدبوءِ قيءَ اڇڻ وغيره جي گهٽ شڪايت پيدا ٿئي ٿي.

انهيءَ سبب جي ڪري، معدي ۾ گرمي يا ساڙي پيدا ٿيڻ جا گهٽ امڪان پيدا ٿيندا آهن. بناسپتي گيهه، ديسي گيهه ۽ مکڻ کان گهٽ قيمت تي دستياب ٿي سگهندا آهن. بناسپتي گيهه جلد هضم ۽ دل وغيره لاءِ زياده طاقت وارا آهن.

غذا جي نوعيت معلوم ڪرڻ سان گڏ هي ڄاڻڻ به بهتر آهي ته اها غذا ڪيئن کاڌي وڃي ۽ ڪيئن تيار ڪئي وڃي ۽ مختلف کاڌن کي ڪهڙي نسبت ۾ ملايو وڃي. ان لاءِ کاڌن جي خاصيتن جو علم هئڻ پڻ ضروري آهي. سستا کاڌا مهانگن ۽ پرتڪلف کاڌن کان وڌيڪ بهتر ٿيندا آهن. ڪنهن به غذا جو مفيد هئڻ ان جي مهانگي هجڻ تي نه، پر ان جي خاصيتن تي آهي. جن غذائن جو ذڪر اسان هن مضمون ۾ ڪيو آهي، ان کان سستا کاڌا ٻيا ڪهڙا ٿي سگهن ٿا، ۽ انهن کانسواءِ اسين ٻيو ڪائي به ڇا سگهون ٿا؟ غذا بابت اسان کي هيءَ حقيقت ڄاڻڻ جي پڻ ضرورت آهي ته اها غذا جسم ۾ پهچي ڪهڙي صورت اختيار ڪري ٿي ۽ غذا ۽ قبض جو پاڻ ۾ ڪهڙو تعلق آهي، ڪهڙا کاڌا صحت جا محافظ آهن، ڪهڙي نسبت ۾ کائڻ گهرجن، ۽ ڪهڙن کاڌن کي ڪچي صورت ۾ کائڻ بهتر آهي.

غريب ماڻهو اهي ئي کاڌا استعمال ڪن، جيڪي سندن سرزمين تي قدرت فراواني سان پيدا ڪيا آهن ۽ انهن کي عام ڪري ڇڏيو آهي. قدرت جو قانون ته اهو آهي ته جيڪا شي تمام ضروري آهي، اها اوتري قدر عام ۽ سستي آهي. هوا، جيڪا انسان لاءِ نهايت ضروري آهي، سا بلڪل مفت آهي. ان کانپوءِ پاڻيءَ جو مرتبو آهي. غذا ۾ اناج سڀ کان ضروري آهي، تنهنڪري ٻين کاڌي جي شين کان سستو آهي. حقيقت اها آهي ته غذا ۾ مهانگين شين جي ڪا اهميت نه آهي. اهڙي نموني جيتري قدر ٿي سگهي، سيڪنهن شي کي سندس اصل فطري حالت ۾ ئي استعمال ڪرڻ گهرجي. غذا ۾ تڪلف غذا کي بهتر ته ڪونه ٿو بنائي، اٽلو خراب ٿو ڪري.

# وار (Hair)

توهان ڪڏهن پنهنجي مٿي جو هڪڙو وار پٽي انکي غور سان ڏٺو آهي؟ اسان مان گهڻا ماڻهو اڪثر پنهنجو گهڻو وقت، خيال ۽ پئسو جيترو وارن تي صرف ڪن ٿا اوترو جسم جي ڪنهن ٻئي حصي تي نٿا ڪن. اسان وارن کي ڏينهن ۾ ڏه ڏه دفعا ڦڻي ڏيون ٿا، وارن کي ڪترايون ٿا ۽ گهنڊيون هڻايون ٿا. وڏڙا وري انهن کي ميندي لڳائين ٿا ۽ رنگ لڳائين ٿا. غرض ته ننڍڙو ٻار به جڏهن بانبڙا پائڻ شروع ڪري ٿو ته ان کي به ماءُ ڦڻي ڏئي ٿي ۽ پوڙهي ٿيڻ تائين هو ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان وارن جي سنڀال لهندو رهي ٿو. گذريل سالن اندر ”وارن“ متعلق وڏيڪ معلومات حاصل ڪئي وئي آهي.

”وار“ متعلق عجيب عجيب رايا قائم ڪيا ويا آهن. اهو اهڙو مضبوط آهي جهڙو ”اليومينم ڌاتو“. جيڪڏهن مٿي جي وارن کي وٺي انهن مان نوڙي ناهي وڃي ته اها نوڙي اٽڪل ٻه هزار پائونڊ وزن آساني سان جهلي سگهيٿي ۽ اهو وزن هڪ ننڍي موٽرڪار کان به وڌيڪ آهي. مٿي جو وار مهني ۾ $\frac{3}{8}$ اِنچن کان $\frac{3}{4}$ تائين وڌي ٿو! اهـا واڌ اونهاري ۾ تڪڙي ۽ سياري ۾ ڍري، ڏينهن جو تڪڙي ۽ رات جو ڍري ٿئي ٿي.

جسم تي اٽڪل پنج لک وار پکڙيل آهن. رڳو هٿن ۽ پيرن جي ترين تي وار ڪونه ٿيندا آهن. جيڪڏهن خوردبين هيٺان وار جو ڪٽيل ٽڪرو ڏسبو ته ائين محسوس ٿيندو ڄڻ ڪنهن ڪٽيل وڻ جو ٽڪرو پيو ڏسجي. ٻاهريان خليا (Cells) ائين پاڻ ۾ جڙيل آهن جيئن جاءِ جي ڇت تي چوڪنڊياريون سرون پاڻ ۾ ڳتيون پيون هونديون آهن. ٻيو تهه ڊگهن ۽ ڌاڳي وانگر خلين جو ٺهيل آهي جيڪو وارن کي مضبوطي ۽ لچڪ ڏئي ٿو. هن ئي تهه ۾ اهڙا ذرڙا پڻ موجود آهن جيڪي وار کي اصل رنگ ڏين ٿا. وچ ۾ هڪڙي سوڙهي شاخ (canal) آهي جنهن ۾ ڍرا بند ٿيل خليا موجود هوندا آهن. وار فاليڪلس (Follicles) ۾ ٺهيل هوندو آهي، جيڪي چمڙي ۾ ننڍڙن ويڙهيل ٽيوبن مثل آهن. هرهڪ فالڪيل (Follicle) جي تري ۾ بلب وانگر هڪ ڍانچو ٿيندو آهي جيڪو رت جي نلين (Blood vessels) سان ڳنڍيل آهي، جنهن منجهان سائنس




## چمڙ وار جي شڪل

١- وار جي ڏانڊي (Shaft) ٢- شاخ (Canal)
٣- تيل جا غدود ٤- وار جون تنتون ٥- فاليڪل
٦- ٻاهرين کل ٧- خلين جواندريون تهه
٨- خلين جو ٻاهريون تهه، جنهن ۾ رنگ جا ذرڙا هوندا آهن.

---

وارن جا خليا ڇمن ٿا. نوان خليا پراڻن خلين کي مٿي فاليڪل ڏانهن ڌڪين ٿا ۽ پراڻا خليا وري هڪ اهڙو طريقو اختيار ڪن ٿا جنهن کي ” ڪيراٽينائيزيشن “ (Keratinization) چئبو آهي ۽ جنهن جي ڪري اهي (پراڻا خليا) وارن ۾ تبديل ٿيو وڃن. ” ڪيراٽين “ هڪڙي ڪيميائي شي آهي جيڪا آڱرين جي ننهن ۽ جانورن جي سڱن ۾ ٿيندي آهي. ڇاڪاڻ ته وار گهڻي وقت تائين زنده خلين جو نتو رهي (ٻين لفظن ۾ ان کي مرده چيو وڃي ٿو) ان ڪري وارن کي ڪترڻ سان اسان کي ڪابه تڪليف محسوس نٿي ٿئي. جيتوڻيڪ وارن لاءِ مختلف قسم جا ٽانڪ آهن جي کين خوبصورتي ۽ نشو ونما بخشين ٿا ۽ پڻ کوپري کي سٺيو ڪن ٿا پر وارن جي پاڙن کي ڪابه طاقت نٿا بخشين جو نوان وار پيدا ٿي سگهن.

رت جون ننڍيون نليون وارن جي فاليڪل ۾ گشت ڪنديون رهن ٿيون. جڏهن ڪا سردي يا خوف محسوس ٿئي ٿو ته هي ننڍيون نليون پاڻ ۾ ملي ويندون آهن ۽ وار آڀا ٿي ويندا آهن. فاليڪل جي شڪل اهو به ٻڌائي ٿي ته توهان کي ڪهڙي قسم جا وار آهن. جي فاليڪل گول شڪل جا آهن ته وار سڌا هوندا، جي بيضوي يا ترا ڪڙا هوندا ته وار گهنڊيدار پيدا ٿيندا.

### وارن جي بيماري :-

ڊئنڊرف (Dandruff) وارن جي هڪ عام بيماري

# ”چنڊ تي پهچڻ کانپوءِ به خدا تي ايمان قائم رهيو“

## ڪا غيبي طاقت اسانجي رهنمائي ڪري رهي هئي - چنڊ جي ”مرده دنيا“ جا دلڪش نظارا قابل ديد آهن - چنڊ تان آندل نمونا ٤.٣ ارب سال پراڻا آهن -

### ”اپولو - ١٥“ جي خلابازن جا تاثرات



”اپولو - ١٥“ جي ٽن خلابازن هر هڪ:- ڪرنل ڊيوڊ - آر - اسڪاٽ، ميجر الفرڊ - ايم - وارڊن ۽ ڪرنل جيمز - بي - ارون، چنڊ جي سفر تان موٽڻ کانپوءِ جيڪي حقيقت افروز تاثرات بيان ڪيا آهن، اهي خلائي سائنس جي دنيا ۾ وڏي اهميت رکن ٿا. ”اپولو - ١٥“ جي مهم جي منتظمين جي دعويٰ آهي ته هن ڪامياب مهم مان نهايت مفيد معلومات حاصل ٿي آهي جيڪا چنڊ ڏانهن آئنده سفرن لاءِ گهڻي ڪارآمد ثابت ٿيندي. هيٺ خلابازن جي تاثرات جو مختصر احوال ڏجي ٿو:-

### ڪرنل ڊيوڊ - آر - اسڪاٽ

ڪرنل ڊيوڊ اسڪاٽ، اپولو - ١٥ جي خلائي مهم جو اڳواڻ هو، انجو چوڻ آهي ته:-

”جڏهين چنڊ گاڏي (فالڪن) چنڊ جي سطح تي لٿي ته مون آسپاس جو جائزو وٺڻ شروع ڪيو. مونکي اهڙين شين کي ڏسڻو ۽ بيان ڪرڻو هو جيڪي هن کان اڳ ڪنهن به انساني اک نه ڏٺيون هيون. مونکي اهو ڪم شروع ڪرڻو هو جنهن لاءِ مون ڪيئن سالن کان سائنس

**سائنس جي رفتار**

تياريون ڪيون هيون. مونکي معلوم هو ته آءٌ انوقت پنهنجي ۽ سائنس جي درجه ڪمال تي پهچي چڪو آهيان.

مون پنهنجي ساٿي ”جيمز ارون“ سان گڏ چئن ڦيٿن واري گاڏي ”روور - ١“ ذريعي هيڊلي ڊيلٽا جي لاهيءَ کان مٿاهين ڏانهن سفر شروع ڪيو. هي ان علائقي جو سڀ کان اوچو جبل هو ۽ انجي بلندي اٽڪل ١٢ هزار فوٽ هئي. اسين اڃا چند سؤ فوٽ مٿي پهتاسين ته اسانکي اهو محسوس ڪندي نهايت حيرت ٿي ته اسين ڇڙ تمام گهڻي اوچائيءَ تي پهچي ويا آهيون. هتان اسانکي پنهنجي چنڊ گاڏي ”فالڪن“ تمام ننڍڙي نظر اچڻ لڳي جيتوڻيڪ اها اسان کان ٽي ميل کن پري فاصلي تي بيٺل هئي. انجي پٺيان ڪيترائي ٻيا جبل ۽ آخر ۾ ڪارو آسمان ڏسڻ ۾ اچي رهيو هو. هي اهڙو هنڌ هو جتان هر طرف نظر ڊوڙائڻ سان دلڪش نظارا پسجي رهيا هئا.

زمين تي تربيت دوران اسان علم ارض تي ڪافي ڌيان ڏنو هو ۽ انهيءَ علم اسانکي هيڊلي جي جبلن ۾ ساڍن ١٨ ڪلاڪن اندر چنڊ جي پٿرن ۽ مٽيءَ جي نمونن گڏ ڪرڻ ۾ گهڻي قدر مدد ڏني.

هڪ هنڌ اسانکي جبلن جا اهڙا قلم نظر آيا جيڪي ايڏا ڊگها هئا جو ٽي سؤ فوٽ پريان به نظر اچي سگهيا ٿي. سائنسدانن جو خيال آهي ته اهي ٿي ”چنڊ جو اصل“ آهن. اسان بروقت زميني ڪنٽرول کي پيغام پهچايو ته اسان اها شي حاصل ڪري ورتي آهي، جنهن لاءِ اسانکي هتي موڪليو ويو آهي. هاڻي اهو فيصلو ماهرن کي ڪرڻو




# پڙهندڙن جا رايا ۽ مشورا

جناب ايڊيٽر صاحب،

"سائنس" پڙهندي خوشي محسوس ڪندو آهيان ۽ "سائنس" لاءِ لکندي خوشي محسوس ٿيندي ٿي ڇو تہ اسانجي ٻوليءَ ۾ هن کان اڳ ڪڏهن اهڙي مخزن يا رسالو ڪونہ ڇپيو هو جو شاگرد طبقي ۽ عوام کي سائنسي معلومات فراهم ڪري. "سائنس" انهيءَ ڪوتاهيءَ جو پورائو ڪري ڇڏيو آهي. الله تعاليٰ اوهان صاحبن، ايڊيٽوريل بورڊ جي ميمبرن ۽ سڀني ليکڪن کي توفيق عطا ڪري جيئن ٻوليءَ جي هن منفرد سائنسي ۽ تحقيقاتي مخزن کي وڌيڪ ترقي وٺائين.

**جانوري مختار علي**

جانوري اسٽريٽ، نزد عيدگاهہ، لاڙڪاڻو سنڌ.

جناب ايڊيٽر صاحب

مان هن رسالي بابت توهان کي ۽ توهان جي اداري کي دلي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو، جو توهان هن عظيم رسالي تي پنهنجو قيمتي وقت صرف ڪيو آهي. اميد تہ خدا جي فضل و ڪرم سان هي رسالو اڃا بہ وڌيڪ ترقي ڪندو. هي رسالو خاص ڪري شاگردن لاءِ تمام وڌيڪ موزون آهي، ڇاڪاڻ جو هن ۾ تعليمي ڪورسن جا مضمون ڏنا وڃن ٿا، جنهن ڪري شاگردن کي گهڻي سهوليت ۽ سائنسي معلومات حاصل ٿي آهي. شاگردن کي گهرجي تہ اهي هن رسالي کي سينگارڻ ۾ پورو پورو تعاون ڪن.

آخر ۾ مان توهان کي هڪ عرض ڪندس تہ هن رسالي ۾ هر مهني ۾ "عالمي معلومات" شايع ڪئي وڃي.

**اختيار علي جوڻيجو**

نئون ديرو.

محترم جناب ايڊيٽر صاحب.

توهان سنڌيءَ ۾ سائنسي ماهنامو جاري ڪري سنڌيءَ جي هڪ وڏي خدمت سرانجام ڏني آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنسي ڪتابن جي تمام گهڻي کوٽ آهي. جيئن تہ نئين نوجوان نسل جو ذهن سائنس طرف گهڻو مائل آهي، هو وڏي خوشيءَ سان سائنسي ڪتابن جي آجيان ڪندا. آءٌ پاڻ هتي ڏسي رهيو آهيان تہ "سائنس" رسالي جي خريداريءَ ۾ نوجوان پيش پيش آهن ۽ وڏا اُن ۾ مڙيوئي گهڻ دلچسپي وٺي رهيا آهن.

"سائنس" مخزن ۾ معلوماتي مضمون تہ ڪافي ٿا ملن پر عملي مضمون گهٽ ٿا نظر اچن، سو اوهان مهرباني ڪري عملي سائنس ڏانهن گهڻو ڌيان ڏيندا.

ڪي مضمون بيحد منجهيل ٿا ٿين. آهي هڪ سائنس پڙهيل تہ سمجهي سگهي ٿو پر عام ماڻهن کي سمجهڻ ۾ دقت ٿيندي.

**جاويد اختر شيخ**

شڪارپور.

جناب ايڊيٽر صاحب،

السلام عليڪم:-

ماهہ آگسٽ جو رسالو "سائنس" مليو. رسالي ۾ شايع ٿيل مضمون واقعي قابل تحسين آهن. هڪ ڳالهہ مان بہ عرض ڪندس تہ اسان جو نوجوان نسل اڄڪلهہ جي سائنسي دور ۾ پنهنجي مذهب کان بيگانہ نظر اچي رهيو آهي، تنهنڪري ڪوشش ان ڳالهہ جي ڪجي تہ "قرآن حڪيم ۽ سائنس" جي موضوع تي وڌيڪ بهتر مواد شايع ڪيو وڃي. ان لاءِ بہ اهو ضروري آهي تہ جيڪي ڪجهہ شايع ڪيو وڃي تنهنجي پوري تحقيق ۽ سچائي مد نظر رکي وڃي.

ٻيو تہ رسالي اندر شايع ٿيندڙ مواد کي آساني سان لکيو وڃي جيئن ثانوي درجن جا شاگرد سولائي سان ذهن نشين ڪري سگهن.

**مير احمد لغاري**

سائنس ٽيچر گورنمينٽ هاءِ اسڪول، سيتا روڊ.



# ٽيليفون جو موجد

## اليگزينڊر گراهام بيل



"اليگزينڊر گراهام بيل" اسڪاٽلينڊ جي شهر ايڊنبرا ۾ پيدا ٿيو. سندس پيءُ هڪ مشهور و معروف ماڻهو هو. هن جي پيءُ گونگن ۽ ٻوڙن کي تعليم ڏيڻ جو نئون طريقو ايجاد ڪيو هو. ڏورانهن ملڪن کان گونگا ۽ ٻوڙا هن وٽ ايندا هئا ۽ هي پنهنجي مخصوص طريقي سان سندن علاج ڪندو هو. شروع ۾ گراهام بيل تعليم پنهنجي شهر ۾ حاصل ڪئي. بعد ۾ هن کي تعليم لاءِ لنڊن موڪليو ويو. ان بعد هو جرمني مان پي - ايچ - ڊي (P.H.D) جي ڊگري حاصل ڪري آيو. گهر ۾ اچڻ سان سندس ٻئي وڏا ڀائر تپ ۽ دق سبب گذاري ويا. ٿورڙن ڏينهن بعد هن کي ٻه انهيءَ مرض وڪوڙي ورتو. هن جي بچڻ جي ڪا به اميد ڪانه هئي. تنهن هوندي به ڊاڪٽرن هن جي والد کي تسلي ڏيڻ لاءِ ڪيس آبهوا جي تبديلي جو مشورو ڏنو. سندس پيءُ اهل و عيال سميت ڪئناڊا جي رياست "اونٽيريو" جي هڪ شهر "برين فورڊ" ۾ وڃي رهيو. جيئن ته هن جي ماءُ به ٻوڙي هئي، تنهنڪري سندس سڄي خاندان کي گونگن ۽ ٻوڙن لاءِ وڏي همدردي هوندي هئي. گراهام بيل جي عمر ويهن سالن کان به مٿي هئي ته به سندس دل ۽ دماغ معصوم ٻارن وانگر بي داغ هوندو هو. بيماري ۾ اڪثر پيانو وڄائيندو هو يا نديءَ جي ڪناري تي وڃي ويهندو هو. هو ڪئناڊا ۾ هڪ سال جي اندر ئي صحتياب ٿي ويو. اهڙي نموني سندس ذهن "آواز" ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو. ويندي ويندي هن کي خيال آيو ته آواز هڪ جڳهه کان ٻيءَ جڳهه تائين ڪهڙي نموني پهچائي سگهجي ٿو؟ هن مختلف تجربا ڪيا ۽ آخرڪار ڪاميابيءَ سندس قدم چميا.

گراهام کان گهڻو عرصو اڳ يعني سنه ١٨٣٦ع ۾ چارلس وسٽيول ۽ ڪڪ نامي سائنسدانن برقي تار ايجاد ڪئي هئي

ان تار جو هي اصول هوندو هو ته بجلي جي وهڪ جي ذريعي هڪ جڳهه کان ٻيءَ جڳهه تائين آواز پهچايو وڃي. گراهام کي برقي تار گهڻي مدد ڪئي. هن جي دعويٰ هئي ته بجلي مشين جي ٽڪ ٽڪ وانگر آواز کي به هڪ جڳهه کان ٻئي جڳهه تائين پهچائي سگهجي ٿو. جيئن ته آمريڪا ۾ برقي تار جو استعمال عام هوندو هو، ان ڪري گراهام ڪئناڊا کان بوسٽن هليو ويو، جتي هڪ وڏو برقي تار گهر هوندو هو. هي سڄو ڏينهن برقي تارن کي ڪم ڪندي ڏسندو هو ۽ رات جو پنهنجي ڪمري ۾ تجربا ڪندو هو. جيئن ته هن کي پنهنجي تجربن لاءِ بجلي جي واقفيت هئڻ ضروري هئي، ان ڪري ٿامس واٽسن نالي ماڻهوءَ کي (جيڪو بجلي جو ڄاڻو هو) پاڻ سان ملايائين.

واٽسن سان ملي گراهام جون گهڻيون مشڪلاتون حل ٿي ويون، هاڻي هي ٻئي ڄڻا ڏينهن رات انهيءَ ڪوشش ۾ رهيا ته انساني آواز کي هڪ جڳهه کان ٻيءَ جڳهه، تائين ڪهڙي نموني پهچايو وڃي.

انهن تجربن مان هنن هيٺيان نتيجا ڪڍيا:-

(١) ڪنهن به شيءِ مان آواز انهي وقت پيدا ٿئي ٿو جڏهن اهو تيزيءَ سان حرڪت ڪري ٿو ۽ ان حرڪت کي لهر چئبو آهي.

(٢) لهرون ان شيءِ جي چوڌاري حرڪت ڪنديون آهن ۽ جيئن جيئن هو اڳتي مفاصلو طئه ڪنديون

آهن تيئن تيئن سندن طاقت گهٽجندي ويندي آهي.

(٣) جيڪڏهن انهن لهرن کي چوڌاري پکيڙڻ جي بدران هڪ طرف موڪليو وڃي ته انسان جو آواز ڇڪو پري وڃي سگهي ٿو.

پنهنجن تجربن مان هن ثابت ڪيو ته آواز نه صرف هوا بلڪ ٻين نهرين شين مان به لنگهي سگهي ٿو. هن اهو تجربو ٽامي جي سنهي تار جي وسيلي ڪيو. هاڻي گراهام سوچيو تــه آواز جي لهرن کي جيڪڏهين بجلي جي لهرن ۾ تبديل ڪيو وڃي ته هي مسئلو آسانيءَ سان حل ٿي ويندو. ان ڪم لاءِ هن کي ٻن شين جي ضرورت هئي. هڪ اهڙو اوزار جيڪو آواز کي برقي لهر ۾ تبديل ڪري ۽ ٻيو اهڙو اوزار جيڪو برقي لهر کي آواز ۾ تبديل ڪري. اهڙي نموني سندس توجہ انسان جو ڪَنُ ٿيو. آواز ماڻهو کي ڪهڙي نموني ٻڌڻ ۾ اچي ٿو؟ ۽ جيئن تہ هوا ۾ آواز جون لهرون هونديون آهن ته انسان انهن لهرن کي ڪيئن ٿو محسوس ڪري؟ انهن ٻنهي سوالن جا معقول جواب ڪيس نه ملي سگهيا تنهنڪري هن انسان جي ڪن جي مشاهدي جي ڪوشش ڪئي. هن جو هڪ دوست مقامي اسپتال ۾ ڪم ڪندو هو ان جي ڪوشش سان هن اسپتال مان هڪ مئل شخص جو ڪن حاصل ڪيو ۽ ڪيترن هفتن جي کوجنا کانپوءِ هو ان نتيجي تي پهتو ته ڪن ۾ هڪ حساس پردو آهي جيڪو هوا ۾ آواز جي لهرن کي قبول ڪري ٿو. اهڙي نموني هن ٻن ڌاتن جا ٽڪر کنيا. هڪ مائيڪروفون ۾ ۽ ٻيو رسيور ۾ رکيائين ۽ ٻنهي کي ٽامي جي تار سان ملايائين پوءِ تار ۾ ڪرنٽ پيدا ڪري پنهنجي دوست واٽسن سان ڳالهايائين ته تجربو ڪامياب ويو.



اهڙي نموني ٽيليفون ايجاد ٿي ويو. جيئن تہ هي هڪ غريب ماڻهو هو ان ڪري ڪيس ايترا پئسا نہ هئا جو هو ان کي تجارتي پيماني تي عوام جي سامهون پيش ڪري سگهي.

٢٥ جون سنہ ١٨٧٦ع ۾ فلاڊلفيا ۾ هڪ صنعتي نمائش ٿي جنهن ۾ برازيل جو بادشاهه خصوصي مهمان هو. نمائش جي ججن جڏهن اِها ايجاد ڏٺي تہ تمام گهڻو خوش ٿيا ۽ بادشاهه ان ايجاد کي ساراهيو. پر عوام کي ڪڏهن بہ يقين نہ آيو تہ انهيءَ ايجاد کي وڏي پيماني تي ٺاهي ان مان فائدو وٺي سگهجي ٿو. هو الئي ٿي سمجهندا هئا تہ هي ٻــارن جي لاءِ هڪ رانديڪو آهي. پر گراهام کي يقين هو تہ هو ڪجهہ رقم خرچ ڪري ان ٽيليفون کي سڌاري سگهندو جئين ملڪ جي هڪ ڪنڊ جا ماڻهو ٻئي ڪنڊ جي ماڻهن سان آسانيءَ سان ڳالهائي سگهن.

آخر دوستن سان ملي ٻيهر تجربا ڪرڻ لڳو تہ جئين ان رانديڪي کي صحيح معنيٰ ۾ هڪ ڪارآمد ايجاد ٺاهي سگهي. پهريائين پهريائين سندس ٽيليفون تي ٻن ميلن تائين ڳالهہ ٻولهہ ڪري سگهبي هئي پر ٻهرئين سال جي آخر ۾ سندس محنت رنگ لاتو ۽ ان جي ٽيليفون بوسٽن کان نيويارڪ تائين آواز پهچايــو.

اهڙي خوشيءَ جي موقعي تي گراهام جا تمام گهڻا حاسد ۽ دشمن بہ پيدا ٿيا. گهڻن حاسد ماڻهن هن تي الزام هنيو تہ هن سندن ايجاد چورائي آهي. مقدمي ۾ گراهام ويچاري جي رهي سهي دولت بہ ختم ٿي وئي پر نيٺ فيصلو سندس حق ۾ ٿيو.

آخري عمر ۾ هن کي حڪومت جي طرفان تمغا ۽ انعام مليا. گراهام انهن انعامن کي وٺي ڪڏهن بہ خوش نہ ٿيو. هو اڪثر چوندو هو تہ ”جڏهن مونکي انهن جي ضرورت هوندي هئي تہ ان وقت منهنجو ڪنهن بہ قدر نہ ڪيو ۽ جڏهن آءٌ موت جي ڪناري تي پهتو آهيان تڏهن مونکي انعامن سان نوازيو ويو آهي“.

عبدالوحيد شيخ

# حيوانن جي دنيا



# لومڙي

## چالاڪ ۽ مڪريلو جانور



علم حيوانات هزارين سالن کان سائنسدانن لاءِ دلچسپيءَ جو باعث رهيو آهي. ان علم جي ذريعي سائنسدانن هن وسيع دنيا ۾ ملندڙ جانورن کي تحقيق ۽ جستجو جي دائري ۾ آندو جن ۾ ”لومڙي“ بہ هڪ عرصي کان وٺي سائنسدانن توڙي عام انسانن لاءِ دلچسپيءَ جو مرڪز رهي آهي. اسانجا ننڍا، وڏا ۽ بزرگ بہ گهڻوڪري لومڙيءَ کان متاثر ٿيا آهن جنهنجو ثبوت اهي آکاڻيون ۽ پهاڪاآهن جيڪي پراڻي زماني کانوٺي لومڙيءَ بابت مشهور آهن.

لومڙيءَ جي چالاڪيءَ ۽ ذهانت کي ڪڏهن بہ وساري نٿو سگهجي. هن جي چالاڪيءَ جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ جڏهن هن کي شڪار ڪيو ويندو آهي تہ اهڙيطرح جان بچائي ڀڄي ويندي آهي جو شڪاري دنگ رهجي ويندو آهي. بي شمار ڪوئا، ڏيڏر ۽ سيهڙ وغيره لومڙيءَ جي هٿان شڪار بڻجي ويندا آهن. اهي تہ وري بہ نقصانڪار جانور آهن پر رڍن، ٻڪرين جا ٻچا، چوزا، ڏيڏر ۽ بدڪون وغيره بہ سندس خوراڪ بڻجي ويندا آهن. لومڙين جو تمام گهڻو تعداد انسان ذات لاءِ نهايت تڪليف وارو آهي. لومڙين جي تعداد وڌڻ جو سبب اهو آهي تہ ڪيس خوراڪ بالڪل آسانيءَ سان ملي ٿي.

لومڙي ”ممالیہ“ يعني کير پيارينڌڙ جانور آهي ۽ انسان بہ انهيءَ ئي قسم سان تعلق رکيٿو. لومڙي جو جسم عام طور ٢٣ انچن کان ٣٢ انچن تائين ڊگهو ٿيندو آهي، ان جي پڇ جي ڊيگهہ ١٢ کان ١٨ انچن تائين ٿيندي آهي ۽ هن جو وزن ١٥ پائونڊن کان ٢٩ پائونڊن تائين ٿيندو آهي. مادي لومڙيءَ جو آواز تمام سنهو ٿيندو آهي پر ان جي نر جو ڪافي بلند هوندو آهي ۽ ماديءَ کان بالڪل الڳ هوندو آهي.

نر لومڙ کي انگريزيءَ ۾ ”ڊاگ فاڪس“ ۽ ماديءَ کي ”ورڪسن“ چئبو آهي ۽ اهڙيءَ طرح لومڙيءَ جي ٻچي کي ”ڪب“ چئبو آهي. لومڙي عام طورتي ڊگهن ۽ وڏن ڏرن ۾ رهندي آهي، جيڪي زمين جي بجاءِ وڏن وڏن ۽ ٿلهن ٿڙن وارن وڻن کي ڪٽي ۽ ٽڪي انهن ۾ ٺاهيا ويندا آهن. جابلو علائقن ۾ وري جبلن جي دامن ۾ پنهنجا ڏر ٺاهيندي آهي - اهي ڏر




# (۱) موم بتين ٺاهڻ جو طريقو

**گهربل سامان:-**

۱- پيرافن ويڪس (Paraffin Wax) ۳۰ حصا

۲- اسٽيرڪ ايسڊ (Stearic Acid) ۱۷ء۵ حصا

۳- ميڻ ۲ء۵ حصا

**ٺاهڻ جو طريقو:-** مٿين سيني شين کي گڏي ڪنهن ٿانو ۾ رجايو ۽ مٽيءَ يا ڪاٺ جي گول سانچي ۾ سٽ جي سڳي جي وٽ لڙڪائي مٿيون رجيل مصالحو پريو. ٺري وڃڻ تي موم بتي ٻاهر ڪڍو.

رنگين موم بتين لاءِ مٿي ذڪر ڪيل شين ۾ ٿورڙو ڪوبه وارنش وارو رنگ ملايو.

**نوٽ:-** ڪاٺ جي سانچي ٺاهڻ لاءِ ڪنهن پنجر جي چار يا پنج انچ ٽڪر ۾ گرمٽ سان ٽنگ ڪيدي ڪيس ڪارائي سان چيريو ۽ پوءِ ٻنهي اڌن کي سوٽليءَ سان ڀهرئين وانگر ملائي مٿان سٽ جي وٽ لڙڪائي مصالحو پريو ۽ ٺري وڃڻ تي سوٽليءَ جو ڏاڳو کولي موم بتي ڪيدي سانچي کي ٻيهر استعمال ڪريو.

# (۲) لکڻ واري مس ٺاهڻ جو طريقو

**گهربل سامان:-**

۱- نيفٿول بلو بليڪ (Naphthol Blue Black) هڪ آنو

۲- اوچو ڪٿونر اڌ آنو

۳- ڪاربالڪ جو تيزاب هڪ تولو

۴- پاڻي هڪ گيلن

**ٺاهڻ جو طريقو:-** مٿيون شيون ڪنهن چينيءَ جي ٿانو يا ڪوليءَ ۾ وجهي خوب ملايو، جيئن نيفٿول بلو بليڪ پاڻيءَ ۾ ڳري وڃي. اهڙيءَ طرح مس تيار ٿي ويندي.

# (۳) مک مار پنو

**گهربل سامان:-**

۱- لار (Rosin) اڌ سير

۲- ارنڊيءَ جو تيل اڌ پاءُ

**ٺاهڻ جو طريقو:-** ڪنهن جست جي ديڳڙيءَ اندر اڌ پاءُ ارنڊيءَ جي تيل ۾ اڌ سير لار وجهي باهه مٿان رجايو، رجيل لار ۽ ارنڊيءَ جي تيل کي چمچي سان خوب ملائي ڪنهن پاڻي جهڙي مضبوط شئي تي هاري ڇري وغيره سان پکيڙيو.

مٿين مصالحي کي وڌيڪ گهاٽو ڪرڻ لاءِ وڌيڪ لار ۽ ڇيدو ڪرڻ لاءِ وڌيڪ ارنڊيءَ جو تيل وجهڻ گهرجي. مک مار پني کي ڇانو ۾ رکجي ۽ ڪيس پيٽو نه ڪجي.


## "اداس واديون"

**"حميد سنڌي" جي لکيل ۱۲ افسانن جو مجموعو**

۱- منهنجي پيڙا، منهنجو من ۲- ڪارو رت ۳- يادن جي جريري ۾ ۴- هڪ خواب هڪ حقيقت ۵- واچوڙن ۾ لاٽ ۶- اداس واديون ۷- سمنڊ ۽ مان ۸- منهنجي دنيا مرڪهه ترشنا ۹- ان داتا ۱۰- خوشبو جا گهاوَ ۱۱- ٽڪي ۾ ٻاتي ۱۲- رانديڪو.

باتصوير ترنگو ٽائيٽل - سفيد پنو - بهترين ڇپائي

**قيمت فقط ۲ رپيا**

سوا ۲ رپيا مني آرڊر ذريعي موڪلي هيٺين ائڊريس تان گهرايو:-

**"سنڌي ڪتاب مرڪز"**

حافظ حيات شاه لين - حيدرآباد سنڌ.

MONTHLY **Science** MAGAZINE

Approved by the Directorate of Education, Hyderabad Region

Vol: 1 SEPTEMBER 1971 No. 9



خلائي اسٽيشن
جو هڪ آمريڪي
ماڊل

Printed by Aijaz Mohammed Siddiqui Manager Sind University Press, Hyderabad Sind
& Published by Asstt: Director, Institute of Sindhology, Hyd. Sind.